## (د) پنھنجي زندگيءَ جو ڪو به يادگار واقعو لکو.

**سرگرمي:**

'سچائي' جي موضوع تي پنھنجن لفظن ۾ ھڪ مضمون لکو.

**ياد رکو تہ:**

اصطلاح عربي لفظ 'صلح' مان ورتل آھي. لفظن جي اھڙي فعلي صورت جنھن جي معنيٰ يا مُراد لغوي لحاظ کان ھٽي ڪري سماجي ھجي تہ ان کي اصطلاح چئبو آھي.

**جيئن:** اپ ڦاڙڻ = ٻناڪون ھڻڻ.

جڏھن تہ لغوي يا سڌي سنئين معنيٰ رکندڙ ساڳي صورت وارو لفظ 'محاورو' سڏبو آھي.

**جيئن:** منڙو ڳالھائڻ = سنو ڳالھائڻ.

# پيرومل مهرچند آڏواڻي



جنم: 1875ع

لاڏاڻو: 1950ع

پيرومل مهرچند آڏواڻي 1875ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جو ناميارو محقق، لطيف شناس، اديب، شاعر، مضمون نگار ۽ ناٽڪ نويس هو. هُن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ’قديم سنڌ‘، ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ ۽ ’وڏو سنڌي ويا ڪرڻ‘ اهم ڪتاب آهن. ’نؤبهار‘ سندس شاعريءَ جو ڪتاب آهي. شاعريءَ ۾ ’غريب‘ تخلص ڪم آندو اٿس. درسي ڪتابن ۾ به سندس ڪيترائي نظم ڇپيل آهن. پيرومل 1950ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

# ڪاهوءَ جو ڏڙو

**سکيا جي حاصلات** ڪنهن بہ تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهہ ٿي سگهي. ڪنهن نئين متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي. نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. ضمير خالص جي قسمن بابت ڄاڻي سگهي. لفظن جا اشتقاق ڪري سگهي. روزاني زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن ۽ واقعن جي حوالي سان مڪالما، يادگيريون ۽ ڊائري لکي سگهي.

سنڌ ۾ ڪي اهڙا هنڌ آهن جي اڳي گهٽ وسيل هئا، ۽ پوءِ غيرآباد ٿي، وري آباد ٿيا آهن. اهڙو هڪ مثال هاڻوڪي شهر ميرپورخاص وارو طرف آهي. سن 1793ع ڌاري، سنڌ جي ميرن جڏهن حڪومت جو ورهاڱو ڪيو، تڏهن اهو پاسو ماڻڪاڻي ميرن کي مليو. سن 1806ع ۾، مير علي مراد ٽالپر ماڻڪاڻيءَ اتي شهر ٻڌايو، جو سندس نالي پنيان ’ميرپور‘، يعني مير جو شهر سڏجڻ لڳو. مير شير محمد خان ٽالپر، جنهن کي سن 1843ع ۾ چارلس نيپيئر دٻي (ناريجن جوڳوٺ) واري لڙائيءَ ۾ شڪست ڏني، سو اڪثر گذاريندو ئي اُتي هو، ۽ سندس پويان اڄ تائين اتي رهن ٿا. هيءُ شهر اصل ننڍو هو ۽ پوءِ انگريزن جي صاحبيءَ ۾ وڌيو. سن 1900ع ۾ جمڙائو واهہ کليو تہ ميرپور جو نئون شهر ٻَڌو، ۽ اصلوڪي شهر جي ويجهو جيڪي غيرآباد پٽ هئا، سي وسي ويا. ٿرپارڪر ضلعي جي آفيس، عمرڪوٽ ۾ هئي. سن 1906ع ۾ اها ڦيرائي ميرپورخاص ۾ ڪيائون، تہ نيون آفيسون ۽ نوان بنگلا نهيا ۽ بازار بہ نئين نهي. ائين هڪ مان بہ شهر ٿي پيا. ٻيئي شهر ڳنڍيا پيا آهن تہ بہ هاڻوڪي شهر کي ’ميرپورخاص‘ ۽ اڳئين شهر کي ’ميرپور پُراڻي‘ چون ٿا.

هي تہ ٿيو هاڻوڪو احوال، پر عيسوي ارڙهين صديءَ ۾ اهو شهر اصل هوئي ڪونہ. ٿنڌي الهيار کان وني ويندي عمرڪوٽ تائين رڳو واريءَ جا ڍڳ لڳا پيا هوندا هئا، ۽ اتي ڪنگ پيا رَڙندا هئا، يعني سُڃ لڳي پيئي هوندي هئي. پر اهو واريا‌سو پاسو عيسوي ارڙهين صديءَ کان اڳي ڪجهہ قدر وسيل هو يا نہ، تنهن ڳالهہ جو سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر ئي ڪونهي. ويجهڙائيءَ (1910ع) ۾، سنڌ جي تاريخ جو ڳم ٿيل ورق لڌو آهي، جنهن مان نہ رڳو ميرپور، پر سڄيءَ سنڌ جي آڳاٽي اوج جو اهڃاڻ ڪجهہ قدر مليو ٿو.

سنڌ ۾ جڏهن ڪاهوءَ نالي هڪ راجا، هاڻوڪيءَ ميرپورخاص طرف راڄ ڪندو هو. ڪاهوءَ جو شهر، پراڻي ميرپورخاص کان شروع ٿي، ڪيتري ئي پنڌ ۾ هليو ٿي ويو. هڪ ڀاڱي کي انهيءَ راجا جي نالي پٺيان ’ڪاهُو بازار‘ ڪري ڪوٺيندا آهن. اڄ تائين شهر جي بازار جي پِري، اُتر طرف، هڪ ويرانو آهي، جو ’ڪاهوءَ جو دڙو‘ سڏجي ٿو. اهو دڙو، انگريزن جي صاحبيءَ ۾ پهريون گهمرو جنرل جان جيڪب کوٽايو هو. (جيڪب آباد جو شهر، اڳي ’خانڳڙهه‘سڏبو هو، ۽ هاڻ هن صاحب جي پٺيان سڏجي ٿو.) هو اڳي ڪئپٽن هو ۽ مياڻيءَ واريءَ لڙائيءَ ۾ ميرن سان لڙيو هو. هو 57-1856ع ڌاري سنڌ جو ڪَڇيءَ طرح ڪمشنر مقرر ٿيو ته سنڌ جا ڪي قديم هنڌ کوٽايائين؛ جو اهڙين کوجنائن جو البت شوق هوس. ’ڪاهوءَ جو دڙو‘ کوٽايائين ته ڪا عجيب غريب شيءِ هٿ ڪانه آيس. شايد رڳو ڏڙا وَلايا هئائين، پر هيٺ گهٽو اونهو کونه کوٽايو هئائين.انهيءَ مان ايترو ٿيو جو انهيءَ وَليل هنڌ برسات پوڻ ڪري، بعضي ٽورا جهونا سِڪا ۽ بعضي سون جا ذرا پڌرا ٿي بيهندا هئا.

سن 1859ع ۾، ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪي جنگي عملدار هن پاسي آيا ۽ هن دڙي جي سُڌ پين. انهن عملدارن مان هڪڙو آنربل جيمس گبس هو، جو چوي ٿو ته ”27 جنوري 1859ع ۾، اسان کي پڪين سرن جو نهيل هڪ ڊنل ٺُل هتي نظر آيو. اسان اهو هنڌ صفا ڪرايو ته هيٺ زمين ۾ هڪ ڪوٺي نظر آئي، جنهن مان هڪ نهايت عمدو مٽيءَ جو جڙيل ٿانءُ مليو، جو ڪوزي جي نموني هو؛ باقي ٻيا ته رڳو سروٽا ۽ جنبوٽا هئا.“ اهو عمدو ڪوزو اڄ تائين ڪراچيءَ جي عجائب خاني ۾ رکيل آهي.

سن 1900ع ۾، جوڌپور- بيڪانير ريلوي لاءِ ننڍي پٽي وارو رستو نهيو، ته ڪم ڪندڙ مزورن اهو ڪوٽ، ان مان سِرون ڪڍي ڪتب آنديون، جن مان ڪن تي ڪاشيءَ جو عمدو ڪم ٿيل هو. اهڙيءَ طرح، رڳو سِرن ڪڍڻ جي ارادي سان دڙي کي ڪجهه قدر کوٽيائون، ته ٻه سهڻا ۽ عجيب پُتلا دڙي مان لڌائون. اهي پُتلا سرڪار ڪنيا ۽ انهن بابت اهو رايو ظاهر ٿيو ته: عيسوي چوٿين يا پنجين صديءَ جا نهيل ٿا ڀانئجن! انهيءَ وقت ٻه اها ڳالهه ڪنهن کي من نڪا چِت هئي، ته دڙي ۾ ڪا مالي دٻيل آهي.

سن 10- 1909ع ۾، مسٽر مئڪنزي، ٿرپارڪر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو. هن کي ازخود اهو خيال آيو تہ هن دڙي مان جو بعضي سِڪا ۽ پُتلا لڀن ٿا، سو ضرور اندر ڪجهہ مال آهي. پوءِ تہ پنهنجي من جي اُٽڪڻ لاهڻ لاءِ وني لڪپڙهہ هلايائين. آخر آرڪيالاجيڪل سروي جو سپرنٽينڊنٽ، مسٽر هينري ڪزنس آيو، جنهن اچي اهو دڙو کوٽايو. مسٽر ڪزنس بہ ڏينهن کن رهي هليو ويو، ۽ موٽي مارچ 1910ع ۾ آيو.انهيءَ وچ ۾ مزورن مهينو کن پئي دڙو کوٽيو. آخر ٻُڌ ڌرم وارن جو هڪ جهونو ڏيورو کلي ظاهر ٿي بيٺو، جنهن کي ’استوپا‘ ڪري سڏين ٿا. ڌرتيءَ ۾ دٻيل ڏيورو ظاهر ٿيو تہ ميرپورخاص ۾ ميلو مچي ويو، سنڌ جو ڪمشنر، ٿر جو ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻيا ڪيترا سرڪاري عملدار اچي مڙيا، پر رعيتي ماڻهو بہ ڪتان ڪاهي آيا، جو اها ڳالهہ سنڌ جي سيني اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. هتي انهيءَ دڙي جو اکين ڏٺو احوال ڏجي ٿو. جو مسٽر ڪزنس جي رپورٽ سان پيٽيو ويو آهي.

’ڪاهوءَ جو دڙو‘، اٽڪل ٿيهہ ايڪڙ زمين جا والاري بيٺو آهي. انهيءَ سموريءَ ايراضيءَ ۾ رڳو دڙا لڳا پيا آهن، جي ڪيتريقدر نڪراٽن، سروٽن ۽ جنبوٽن سان ڇانيا پيا آهن. جيڪو ڏيورو يا مندر کوٽي ڪيائون، سَو پنجاهہ- ٻاونجاهہ فوٽ هم چورس ٿيندو. سندس پٽين جي چوڏاري نقشبندي ۽ وچ ۾ ڪانس آهن. پٽين ۾ گوتم ٻُڌ جون شڪليون آهن، جي ’ٽيراڪوٽا‘ (پڪل مٽيءَ) جون آهن. هڪ پُتلي جو رڳو ڌڙ ظاهر آهي. انهن پٽين تي نقش ٿيل پُتلن ۾ ڏس تہ گوتم ٻُڌ ٻيئي هٿ جوڙن تي رکيو، اکيون ٻوٽيو، ڌيان ۾ وينو آهي. ڏيوري جي جارن ۾ بہ گوتم ٻُڌ جا پُتلا هئا، اهي سڀ پڪيءَ مٽيءَ جا هئا، ۽ رنگ ڏنل هونِ.

’ڪاهوءَ جي دڙي‘ جو نہ رڳو مَٿُ کوٽايو هئائون، پر جيڪو ڏيورو اندران نڪتو، تنهن جي وچ مان بہ سِرون ڪڍيائون تہ هڪ ننڍو کوهہ يا کڏ نظر آين. مال جيڪو هو سو اتي هو. انهيءَ کڏ جي مٿان بہ وڏا ڳرا پٿر رکيل هئا. اهي پٿر پاسيرا ڪيائون تہ هڪ بلوري شيشي ڇهن پاسن واري هٿ آين، جنهن جو تري وارو پاسو پڳل هو، جنهنڪري شيشيءَ کي اڌ تائين چاندي چڙهيل هئي، جا ڪَٽجي ويئي هئي. شيشيءَ جو منهن جيئن مٽي تيئن سوڙهو هو: ۽ ان تي ڪَٽيل چانديءَ جي ٽوپي هئي، جنهن جي چوڌاري ٽامي جو ڪَٽيل ڇلو هو، جو ٽوپيءَ کي پختو جهليو بيٺو هو. انهيءَ شيشيءَ جي اندر هڪ چانديءَ جي ننڍي دٻلي، سنهي موم بتيءَ جي نموني

هئي، جنهن تي سونو ورق چڙهيل هو.انهيءَ ننديءَ دبليءَ اندر وري ٻي دبلڙي هئي، جا سڄي سوني هئي ۽ ڏيگهه ۾ اڌ انچ مس هئي. انهيءَ سوني دبلڙيءَ کي ٻه ڍڪ هو ۽ منجهس ٿوري ڀيوت پيل هئي. مسٽر ڪزنس جي خيال موجب اها ڀيوت گوتم ٻڌ جي سنک هئي؛ تنهنڪري ان کي اهڙيءَ خبرداريءَ سان سانديو هئائون.

ڪاهوءَ جي دڙي مان جنهن هنڌان شيشي لڌي، تنهن هنڌان هڪ ننڍي سوني منڊي ۽ ٿورا مالها جا داڻا به لڌا، جن مان ڪي بلور جا ته ڪي مرجان جا هئا، ۽ متن ٿوري موتين جي جهانءِ به هئي. انهن داڻن جي پرسان ڍهه سِڪّا به هئا، اهي سِڪّا ايتريقدر ڪٽيل هئا، جو هٿ جي مهٽي سان ته نهيو، پر زمين تي گهڻ سان به صاف ٿي نٿي سگهيا، جنهنڪري چئي نٿو سگهجي ته متن ڪهڙي شڪل يا لکيت هئي. هڪ ٻاڙهو نيو، پڪل متيءَ جو سڄوئي سڄو هو، جو شايد چُر وانگر ڪتب آڻيندا هئا. انهن شين سان گڏ ٿورا باسڻ، ٿورا ننڍڙا پُتلا ۽ هڪ وڏو شينهن جو پُتلو به هو. اُهي سيئي شيون بمبئيءَ جي عجائب خاني ۾ رکائڻ لاءِ مسٽر ڪزنس پاڻ سان بروقت ڪڻائي ويو.

اهو ڏيورو هاڻي سرڪار جي حفاظت هيٺ آهي. هن وقت ان جي پرسان پنجاهه کن سماڌيون آهن، جي دڙي کي وڏيڪ کوٽائڻ کان پوءِ ظاهر ٿيون هيون. هي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته: عيسوي چوٿين يا پنجين صديءَ ڌاري، جڏهن سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو زور هو، تڏهن سنڌ ڪنهن وڏي اوج کي رسيل هئي ۽ منجهس ڪاريگر به اهڙا قابل هئا، جن جي جُتيءَ ۾ اڄ ڪو مشڪل پير پائي سگهندو!

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. ڪاهُوءَ جي دڙي جي کوٽائي ڪڏهن کان شروع ڪئي؟
2. ميرپورخاص جو شهر، ڪڏهن ۽ ڪهڙيءَ طرح نهيو؟
3. ڪاهوءَ جو دڙو ڪهڙي دَور سان لاڳاپو رکي ٿو؟
4. ڪاهوءَ جي دڙي منجهان جيڪي عجيب غريب شيون لڌيون آهن، تن جو احوال لکو.

5 قديمآثارن جي گھمڻ وقت اسان کي ڪھڙين ڳالھين جو ڌيان رکڻ گھرجي؟

6 قديم آثارن جي حفاظت ڇو ۽ ڪيئن ڪرڻ گھرجي؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ولايا ڏيورو مَٽُ سنک پيوت عجائب خانو ڄُرَ اهڃاڻ

## (ج) هيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1 ڪاھُوءَ جو دڙو اٽڪل زمين والاري ٿو:

(1) ٽيھ ايڪڙ (2) ٽيٽيھ ايڪڙ (3) ٻتيھ ايڪڙ (4) ڇٽيھ ايڪڙ

2 ڪاھُوءَ جي دڙي ۾ هڪ ڄھونو ڏيِورو ظاهر ٿيو، جنھن کي سڏين ٿا:

(1) پُتلا (2) استوپا (3) جنبوتا (4) ٽيراڪوتا

3 ڪاھُوءَ جو دڙو پھرين کوٽايو:

(1) مسٽر هينري ڪزنس (2) جان جيڪب

(3) مسٽر مئڪنزي (4) چارلس نيپئر.

## (د) 'ڪاھوءَ جي دڙي' تي مختصر نوٽ لکو.

## (ه) ضمير جي ستن قسمن مان هڪڙو قسم'ضمير خالص' آهي، ضمير خالص جا وري ٽي قسم آهن. متڪلم، حاضر ۽ غائب. متڪلم معنيٰ 'ڳالھائيندڙ'. توهين هيٺ ڏنل 'واحد ضمير متڪلم'جي صورتن کي جمع 'ضمير متڪلم' ۾ ڦيرايو:

| واحد | جمع |
|---|---|
| آءٌ يا مان | ........................ |
| مون کي | ........................ |
| منھنجو | ........................ |
| مون کان | ........................ |

(و) هيٺ ڏنل متن پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

قديم آثارن جو مطلب آهي ’جهونا نشان‘. قديم آثارن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي علم کي انگريزيءَ ۾ آرڪيالاجي(Archaeology) چئبو آهي. هن علم ذريعي ڪنهن پنڊپهڻ، پڙي،ڪتبي، عمارت ۽ انسان پاران ناهيل مختلف شين (اوزارن، زيورن ۽ سڪن وغيره) جي پرک ڪئي ويندي آهي. جنهن سان ڪنهن قوم جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي ڄاڻ ملي ٿي. قديم آثارن جي ماهر کي ’آرڪيالاجسٽ‘ چئجي ٿو.

سوال1. قديم آثارن مان ڇا مراد آهي؟

سوال 2. قديم آثارن مان ڪهڙيون شيون ملن ٿيون؟

سوال3. قديم آثارن جي ماهر کي ڇا چئبو آهي؟

(ز) اشتقاق، عربي لفظ آهي ۽ ’شقّ‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ لفظ کي ٽوڙي بنياد ۽ ان جي معنيٰ ڄاڻائڻ آهي. مثال طور جيڪڏهن ’مخدوم‘ لفظ جو اشتقاق ڪبو ته ان جو بنياد ’خدم‘ ٿيندو. لفظ ’مخدوم‘ مفعول جي وزن تي آهي. يعني ’جنهن جي خدمت ڪئي وڃي‘. جيڪڏهن لفظ مرڪب ٻنو آهي ته ان کي ممڪن حد تائين ٽوڙبو، جيئن: سيد الشهداءِ. سيد = وڏو+ الشهداءَ = شهيد جو جمع يعني: ’شهيدن جو سردار‘.

اوهان هيٺ ڏنل لفظن جا اشتقاق ڪريو ۽ معنيٰ لکو.

عظيم الشان  سرانجام  صورتحال  اشرف المخلوقات

سرگرمي: اوهان ڪو تاريخي ماڳ مڪان گهميو هجي ته ان جو احوال لکو ۽ ٻڌايو:

ياد رکو ته:

سنڌ ۾ ’ٻُڌ مت‘ جا ڪيترائي قديم آثار آهن، جن ۾ موهن جو دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو، ٺُل مير رکڻ، سِرٽي ڪوٽ ۽ ٻيا شامل آهن. انهن ۾ شاندار اسٽوپا به آهن.